# الله

## جي رحمت تمام وڏي آهي

23-May-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# اللّٰه جي رحمت تمام وڏي آهي

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله
اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد اللّٰه تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهہ دير ذِڪرُ اللّٰه ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضرتِ سَيِّدُنا حَفص بن عبدُاللّٰه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو بيان آهي تہ مون اِمام المُحَدِّثِين حضرتِ سَيِّدُنا اَبُو زُرعَہ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي سندن وَفات کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو تہ هو پهرين آسمان تي ملائڪن کي نماز پڙهائي رهيو آهي. مون پڇا ڪئي: اي اَبُو زُرعَہ! اوهان کي اهو اِعزاز ۽ مرتبو ڪيئن مليو؟ انهن اِرشاد فرمايو: مون پنهنجي هٿ سان ڏهہ (10) لک حَديثون لکيون آهن ۽ مان هر حديث لکڻ مهل دُرود پاڪ پڙهندو هئس ۽ نبي رَحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ

عاليشان آهي تہ جيڪو مُسَلمان هڪ ڀيرو مون تي دُرُود شريف موڪليندو آهي تہ الله پاڪ ان تي ڏھ رَحمتون نازِل ڪندو آهي. (شرح الصدور،باب في نبذ من اخبار من رأي الموتي ...الخ،ص ۲۹۴)

قَبر میں خُوب کام آتی ہے
بیکسوں کی ہے یارِ غار دُرُود
(ذوقِ نعت، ص ۱۲۵)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻہ مدني گُل: (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان جو مهينو جاري ۽ ساري آهي. اهو مهينو الله پاڪ جون رحمتون ماڻڻ جو مهينو آهي، اهو مهينو پنهنجي گناهن کي بخشائڻ جو مهينو آهي. هن مهيني ۾ الله پاڪ جون رحمتون پنهنجي عروج تي هونديون آهن. وڏا وڏا گناهگار ۽ خطاڪار هن مهيني ۾ الله پاڪ جي رحمت سان جهنم کان آزادي جا پروانا ماڻي جنت جا حقدار ٿيندا آهن. انهيءَ مناسبت سان اڄ جي بيان جو موضوع آهي **”الله جي رحمت تمام وڏي آهي“** يقيناً الله پاڪ جي رحمت تمام وسيع آهي. ڪيئي آيتون ۽ حديثِ سڳوريون رحمتِ الٰهي جي وُسعَت کي بيان ڪن ٿيون، انهن مان ڪجهه اڄ بيان ڪيون وينديون. ان سان گڏوگڏ رحمتِ الٰهي جا ڪيئي واقعا بہ بيان ڪيا ويندا. يقيناً الله جي رحمت تمام وڏي آهي پر ان جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ اسان نيڪ عملن کان پري ۽ گناهن ۾ مبتلا ٿي وڃون. اهڙي سوچ ڪيتري نقصانده ثابت ٿي سگهي ٿي، ان جي باري ۾ بہ ڪجهه مدني گل پيش ڪيا ويندا.

اي ڪاش! سڄو بيان سٺين سٺين نيتن ۽ مڪمل توجهه سان ٻڌڻ نصيب ٿي وڃي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

اچو! رحمتِ الٰهي تي هڪ زبردست حڪايت ٻڌون ٿا جيئن تہ

## گناهن جي اعتراف جي بدلي جنّت ۾ داخلا

حضرت ابو اُمامہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ رَسُولُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنت ۾ داخل ٿيڻ وارو سڀ کان آخري شخص اهو هوندو جيڪو پُل صراط تان هن طرح سان گذرندو جو پُٺي پر گهلِجي رهيو هوندو. جهڙي طرح پيءُ پٽ کي گِهلي گِهلي ماريندو آهي تہ اهو ان کان بچڻ جي لاءِ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندو آهي پر ڀڄڻ ۾ ناڪام ٿي ويندو آهي، اهو ئي حال ان شخص جو هوندو. پوءِ هو عرض ڪندو: اي منهنجا ربّ! مون کي بہ جنت ۾ پهچاءِ ۽ جهنم کان بچائي وٺ. تہ الله پاڪ ان کي فرمائيندو: اي منهنجا ٻانها! جيڪڏهن

مان تون کي جهنم کان نجات ڏئي جنت ۾ داخل فرمائي ڇڏيان تہ پوءِ ڇا تون پنهنجي گناهن ۽ خطائن جو اعتراف ڪري وٺندين؟ اهو شخص عرض ڪندو: مالڪ! تنهنجي عزّت ۽ جلال جو قسم! جيڪڏهن تون مون کي دوزخ کان بچائي وٺين تہ مان پنهنجي تمام گناهن ۽ خطائن جو اعتراف ڪري وٺندس. خطائن جي اعتراف کانپوءِ اهو شخص پُل صراط ٽپي ڪري وٺندو (۽ جهنم ۾ ڪِرڻ کان بچي ويندو.) پُل صراط ٽپڻ کان پوءِ دل ئي دل ۾ سوچيندو تہ جيڪڏهن مان الله پاڪ جي اڳيان پنهنجي گناهن ۽ پنهنجي خطائن جو اعتراف ڪري ورتو تہ هو ضرور مون کي واپس دوزخ ۾ وجهي ڇڏيندو. انهيءَ دوران الله پاڪ ان کي فرمائيندو: اي منهنجا ٻانها! تون منهنجي اڳيان پنهنجي گناهن ۽ پنهنجي خطائن جو اعتراف ڪر! مان تنهنجا تمام گناهہ بخشي ڇڏيندس ۽ تون کي جنت ۾ داخل ڪندس. تہ اهو شخص عرض ڪندو: اِلاهي! تنهنجي عزّت جو قسم! نہ تہ مون ڪڏهن ڪو گناهہ ڪيو آهي ۽ نہ ئي ڪڏهن ڪا مون کان خطاء ٿي آهي. الله پاڪ ان کي فرمائيندو: منهنجا ٻانها! مون وٽ تنهنجي خلاف گواهہ موجود آهن. اهو ٻڌي هو هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو، پر ان کي ڪوبہ اهڙو گواهہ نظر نہ ايندو تہ اهو چوندو: اِلاهي! مون کي ڏيکار! اهي گواهہ ڪٿي آهن؟ پوءِ الله پاڪ ان جي عضون کي ڳالهائڻ جي طاقت عطا ڪندو تہ اهي صغيره گناهہ ٻڌائڻ شروع ڪندا. ٻانهو جڏهن اهو ڏسندو تہ چوڻ لڳندو: اي منهنجا مالڪ! تنهنجي عزّت جي قسم! منهنجا ڪيئي لڪيل ڪبيره گناهہ بہ آهن. پوءِ الله پاڪ ان کي فرمائيندو: منهنجا ٻانها! مان تنهنجي گناهن کي تو کان وڌيڪ ڄاڻان ٿو، بس تون منهنجي اڳيان هڪ ڀيرو انهن جو اعتراف تہ ڪر. مان تنهنجا سمورا گناهہ بہ بخشي ڇڏيندس ۽ تو کي جنت ۾ بہ داخلا عطا فرمائيندس. پوءِ اهو شخص پنهنجي گناهن جو اعتراف ڪندو تہ الله پاڪ ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو. (معجم الكبير، ۱۵۸/۸، حديث:۷۶۶۹)

اعليٰ حضرت جي ڀاءُ مولانا حسن رضا خان رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰی عَلَيۡه ڇا خُوب فرمائن ٿا:

سَبَقَتْ رَحْمَتِيْ عَلٰى غَضَبِيْ — جب سے تُو نے سُنا دیا یاربّ!
آسرا ہم گناہگاروں کا — اور مضبوط ہو گیا یاربّ!
ظَن نہیں بلکہ ہے یقین مجھے — وہ بھی تیرا دِیا ہُوا یاربّ!
ہو گا دُنیا میں قَبْر و مَحْشَر میں — مجھ سے اچھا مُعاملہ یاربّ!
ہر بھلے کی بھلائی کا صَدقہ — اِس بُرے کو بھی کر بھلا یاربّ!
میں نے بنتی ہوئی بِگاڑی بات — بات بِگڑی ہوئی بنا یاربّ!
تُو حَسَن کو اُٹھا حَسَن کر کے — ہو مَعَ الْخَیر خَاتمہ یاربّ!

(ذوقِ نعت، ص:۸۵ تا ۸۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن دنيا ۾ بہ ٻانهو جيڪڏهن پنهنجي گناهن جو اعتراف ڪري وٺي، انهن تي شرمساري جو اظهار ڪري ۽ اللّٰه پاڪ کان گناهن جي معافي گهري تہ رحمتِ اِلاهي ان جو استقبال ڪندي آهي. يقيناً اللّٰه پاڪ جي رحمت تمام وڏي آهي. اهو ڪريم ربّ پنهنجي ٻانهن تي بي انتها رحم فرمائيندو آهي. ان جي رحمت جي ڪا انتها (Limit) ناهي. **اها ان جي رحمت ئي تہ آهي جو** اسان جي نافرمانين جي ڪثرت جي باوجود بہ هو اسان جي **عيبن کي لڪائي** ٿو. **اها ان جي رحمت ئي تہ آهي جو** گناهن جي ڪثرت جي باوجود هو رزّاق ربّ **اسان جو رِزق بند** ناهي ڪندو. **اها ان جي رحمت ئي تہ آهي جو** گناهن جي ڪثرت جي باوجود اهو عليم ۽ بصير (يعني ڄاڻڻ ۽ ڏسڻ وارو) ربّ اسان جي **اکين جي روشني اسان کان** ناهي کسيندو. **اها ان جي رحمت ئي تہ آهي جو** گناهن جي ڪثرت جي باوجود هو قادرِ مُطلَق ربّ اسان جي **ٻُڌڻ جي طاقت** ختم ناهي ڪندو. **اها ان جي رحمت ئي تہ آهي جو** گناهن جي ڪثرت جي باوجود هو قهار ۽ جبّار ربّ **قُوّتِ گويائي** (ڳالهائڻ جي طاقت) کان اسان کي محروم ناهي ڪندو. **اها**

**ان جي رحمت ئي تہ آهي جو** گناهن جي ڪثرت جي باوجود اهو سميع ۽ بصير ربّ اسان کي پيرن جي نعمت کان محروم ناهي ڪندو. **اها ان جي رحمت ئي تہ آهي جو** گناهن جي ڪثرت جي باوجود اهو عليم ۽ خبير ربّ اسان کي **هٿن جي** نعمت کان محروم ناهي ڪندو. **اها ان جي رحمت ئي تہ آهي جو** اهو عزيز ۽ عليم ربّ اسان جي ڪوڙ سارن گناهن ۽ نافرمانين جي باوجود صحيح سلامت رکي ٿو. **اها ان جي رحمت ئي تہ آهي جو** گناهن جي ڪثرت جي باوجود اهو بي نياز ربّ اسان کي ڏنل پنهنجون نعمتون اسان کان واپس ناهي وٺندو. يقيناً ان جي رحمت بي حساب آهي. اهو اَرْحَمُ الرَاحِمِين ربّ، گناهگارن کي آٿت ڏيندي ۽ اُنهن کي بخشش جي خوشخبري ٻُڌائيندي سيپاري 24 سُورَةُ الزُمُر جي آيت نمبر53 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰۤى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ؕ

اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۵۳﴾

تون فرماءِ: اي منهنجا اهي ٻانهؤ! جن پنهنجو پاڻ تي زيادتي ڪئي الله جي رحمت کان نااميد نہ ٿيو، بيشڪ اهو بخشڻهار مهربان آهي.

هن آيت مان معلوم ٿيو تہ ٻانهي کان توڙي جو وڏا وڏا ۽ بي شمار گناهہ ٿيا هجن پر ان کي الله پاڪ جي رحمت ۽ مغفرت مان مايوس (Disappointed) نہ ٿيڻ گهرجي، ڇوتہ الله پاڪ جي رحمت بي انتها وسيع آهي ۽ ان جي بارگاهہ ۾ توبہ جي قبوليت جو دروازو تيستائين کُليل رهندو آهي جيستائين ٻانهو موت جي وقت سڪرات جي حالت تائين ناهي پهچي ويندو، ان وقت کان پهريان پهريان ٻانهو جڏهن بہ الله ڪريم جي بارگاهہ ۾ پنهنجي گناهن کان سچي توبہ ڪندو تہ الله پاڪ پنهنجي فضل ۽ رحمت سان ان جي توبہ قبول ڪندي ان جا سمورا گناهہ معاف فرمائي ڇڏيندو. (صراط الجنان، ۴۸۷/۸)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً الله پاڪ جي رحمت جي ڪا حد نہ آهي، نيڪ هجي يا بد، پرهيزگار هجي يا بدڪار، فرمانبردار هجي يا نافرمان ۽ خطا ڪار، ربّ جي رحمت سڀني کي ملندي آهي.

منقول آهي حضرتِ سيدُنا موسيٰ ڪليمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پنهنجي دُعا ۾ عرض ڪيو: يارَبّ! الله پاڪ ارشاد فرمايو: لَبَّيڪ يا مُوسٰي! پاڻ عَلَیْہِ السَّلَام عرض ڪيو: مَولا! تون تہ مالڪ آهين، منهنجي ڪهڙي حيثيت جو تون مون کي لبيڪ چئي جواب ڏين. تہ الله پاڪ ارشاد فرمايو: مون کي اهو پسند آهي تہ جيڪڏهن ڪو ٻانهو مون کي "يا ربّ" پڪاري تہ مان ان کي "لبيڪ"چئي جواب ڏيان.

حضرتِ سيدُنا موسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام عرض ڪيو: يا ربّ! ڇا اهو هر فرمانبردار ٻانهي جي لاءِ آهي؟ رب پاڪ فرمايو: ها! بلڪ هر گنهگار ٻانهي جي لاءِ بہ آهي. ان تي حضرتِ سيدُنا موسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام عرض ڪيو: فرمانبردار جي لاءِ تہ ان جي اطاعت جي سبب آهي ۽ گنهگار تي اهو ڪرم ڪهڙي سبب؟ الله پاڪ جواب ارشاد فرمايو: اي موسيٰ! جيڪڏهن مان ڀلائي ڪرڻ واري کي ان جي ڀلائي جو بدلو ڏيان ۽ بُرائي ڪرڻ واري تي ان جي بُرائي جي ڪري احسان نہ ڪيان تہ منهنجو جُود ۽ ڪرم ڪيڏانهن ويندو؟ (حڪايتين ۽ نصيحتين، ص ٦٤١بتغير)

سُبْحٰنَ اللّٰـہ عَزَّوَجَلَّ! پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي رحمت تہ اسان گناهگارن تي مِينهن وانگر وسي رهي آهي، پر اسان نادان ان جي رحمت کان پري گناهن ۾ ڦاٿل آهيون، الله پاڪ جي بارگاهہ کان پري دنيا جي چڪرن ۾ ڦاٿل آهيون، ڏينهن رات الله پاڪ جي نافرمانين ۾ لڳل آهيون، نماز روزي کان پري گناهن جي دلدل ۾ ڌڀجندا پيا وڃون، اچو اچو! پنهنجو ڪنڌ ربِ ڪريم جي بارگاهہ ۾ جهڪائي ڇڏيون، پنهنجي گناهن کان سچي توبہ ڪري ان کي راضي ڪري وٺون، ان جي رحمتن کي ماڻڻ جي لاءِ نيڪ، نمازي ۽ سنّتن تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃو.

لاج رکھ لے گناہگاروں کی نام رحمٰن ہے ترا یاربّ
عیب میرے نہ کھول محشر میں نام ستّار ہے ترا یاربّ
بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل نام غفّار ہے ترا یاربّ
(ذوقِ نعت،ص۸۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رحمتِ الٰهي جي وُسعَت بابت حديث سڳوريون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيئي احاديثِ طيبه ۾ به ربِّ ڪريم جي رحمت جي وُسعت جو بيان ٿيو آهي. اچو اُنهيءَ باري ۾ ٿي حديث سڳوريون ٻڌون ٿا:

1. اِرشاد فرمايائون: بيشڪ الله پاڪ رات جي وقت پنهنجو دستِ قدرت ڦهلائيندو آهي ته جيئن ڏينهن ۾ گناهہ ڪرڻ وارن جي توبه قبول فرمائي ۽ ڏينهن ۾ پنهنجو دستِ قدرت ڦهلائي ڇڏيندو آهي ته جيئن رات جي وقت گناهہ ڪرڻ وارن جي توبه قبول فرمائي ايستائين جو سج اولهہ کان اُڀري. (مسلم، ڪتاب التوبة، باب قبول التو بة۔۔۔۔۔الخ، ص۱۱۳۱، حديث:۲۷۵۹)

2. اِرشاد فرمايائون: الله پاڪ اِرشاد فرمائيندو آهي: اي منهنجا ٻانهؤ! توهان ڏينهن رات گناهن ۾ گذريندا آهيو ۽ مان گناهن کي بخشيندو رهندو آهيان. پوءِ توهان مون کان بخشش طلب ڪندا رهو مان توهان کي بخشندو رهندس. (مسلم، ڪتاب البر والصلة،باب تحريم الظلم ، ص۱۰۴۸، حديث:۲۵۷۷)

3. اِرشاد فرمايائون: الله پاڪ زمين ۽ آسمان جي پيدائش واري ڏينهن سو (100) رحمتون پيدا فرمايون. هر رحمت زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ته به ته رکي وئي آهي. انهن مان هڪ رحمت زمين تي نازل ٿي. انهيءَ سان ماءُ پنهنجي اولاد تي، وحشي درندا ۽ پکي هڪ ٻئي تي مهربان ٿيندا آهن، ايستائين جو گهوڙو پنهنجو پير پنهنجي ٻچي کان پري ڪندو آهي ته ڪٿي ان کي ڌڪ نه لڳي وڃي. جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو ته الله پاڪ

ان رحمت کي ٻين نوانوي (99) رحمتن سان ملائي سو (100) مڪمل فرمائي ڇڏيندو ۽ بروزِ قيامت ان سان پنهنجي ٻانهن تي رحم فرمائيندو.
(مسلم،کتاب التوبة،باب في سعة رحمة الله۔۔۔الخ،ص١١٢٩، حديث:٦٩٧٤،٦٩٧٢،٦٩٧٧ملتقطاً)

اِس بے کَسی میں دِل کو مِرے ٹیک لگ گئی — شُہرہ سُنا جو رَحمتِ بے کَس نواز کا
تُو بے حساب بخش! کہ ہیں بے شُمار جُرم — دیتا ہوں واسِطہ تجھے شاہِ حِجاز کا

(ذوقِ نعت،ص١٨،١٧)

**مختصر وضاحت**: پريشاني ۽ لاچاري جي عالم ۾ منهنجي دل کي ان وقت حوصلو ملي ويو جڏهن مون الله پاڪ جي رَحمت جو چرچو ٻڌو. اي منهنجا ربّ! منهنجا جُرم بي حساب آهن، تون کي شاهه حجاز، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو واسطو مون کي بي حساب بخشي ڇڏ.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رهي ته! الله پاڪ کان سٺو گمان (حُسنِ ظن) رکڻ واجب آهي. ان جي رحمت مان ڪڏهن به مايوس نه ٿيڻ گهرجي، اهو چاهي ته ڪنهن جي هڪ گُناهه تي اهڙي پڪڙ فرمائي جو سموريون نيڪيون گهٽ پئجي وڃن ۽ اهو چاهي ته ڪنهن کي هڪ نيڪي تي پنهنجي رحمتن سان ايترو نوازي جو وڏن وڏن گناهن کي به معاف فرمائي ڇڏي. اهڙي طرح اهو چاهي ته ڪنهن کي بغير ڪنهن سبب جي پنهنجي رحمت سان مغفرت جي خيرات ڏئي ڇڏي ۽ ان کي جنت ۾ داخلا عطا فرمائي ڇڏي. اچو! هن طرح جي هڪ روايت ٻڌون ٿا:

جيئن صحيح مسلم شريف ۾ آهي، حضرت سَيِدُنا ابوذر غفاري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته رَسُولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايائون: هڪ شخص کي قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پيش ڪيو ويندو. الله پاڪ ملائڪن

ڪي فرمائيندو: ان شَخص جا صغيره گناهه ان تي پيش ڪيو ۽ ڪبيره گناهه اجا باقي رکو. اهڙيءَ طرح ان شَخص تي ان جا صغيره گناهه پيش ڪيا ويندا ۽ ان کي چيو ويندو: تو فلاڻي ڏينهن فلاڻو فلاڻو ڪم ۽ فُلاڻي ڏينهن فلاڻو فلاڻو ڪم ڪيو هو؟ اهو شخص چوندو هائو مون ڪيا هو. اهو شخص پنهنجي اندر ايتري همت نہ رکندو هوندو جو پنهنجي گناهن کان انڪار ڪري، ۽ ان جو حال اهڙو هوندو جو اهو پنهنجي ڪبيره گناهن کان بہ ڊڄي رهيو هوندو تہ ڪٿي ان جو حساب نہ شروع ٿي وڃي. پوءِ ان شخص کي چيو ويندو: وڃ تو کي هر گناهه جي بدلي ۾ هڪ نيڪي ڏني وڃي ٿي، اهو شخص عرض ڪندو: اِلاهي! مون تہ اجا بہ ڪوڙ سارا گناهه ڪيا هئا جن کي مون تي پيش ناهي ڪيو ويو. حضرت ابو ذر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ چون ٿا: مون ڏٺو تہ اهو فرمائي رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايترو مُرڪيا جو سندن عَلَيْهِ الصلوٰةُ وَالسَّلام جون مبارڪ ڏاڙهون ظاهر ٿي ويون. (مسلم، ڪتاب الايمان، باب أدنٰي أهل الجنة۔۔۔الخ، ص۱۰۱، حديث: ۴۶۷)

میں نے مانا کہ سب سے بُرا ہوں  کس کا ہوں؟ تیرا ہوں میں تِرا ہوں
ناز رحمت پہ مجھ کو بڑا ہے  یاخدا تجھ سے میری دعا ہے

(وسائل بخشش مرمم،ص۱۳۷)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب!   صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## عوام ۾ موجود هڪ غلط فهمي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً الله پاڪ پنهنجي ٻانهن تي رحم ۽ ڪرم فرمائڻ وارو آهي، ان جي رحمت تمام وسيع آهي پر ❖ **رحمتِ الٰهي جي وُسعَت جو اهو مطلب هرگز ناهي** تہ ٻانهو ربّ جي رحمت مان اُميد رکي نيڪيون ڪرڻ ڇڏي ڏي. ❖ **رحمتِ الٰهي جي وُسعَت جو اهو مطلب هرگز ناهي** تہ ٻانهو ربّ جي رحمت مان اُميد رکندي گناهن ۾ مشغول ٿي وڃي. ❖ **رحمتِ الٰهي جي وُسعَت جو اهو مطلب هرگز ناهي** تہ ٻانهو ربّ جي رحمت مان اميد رکندي ربّ ڪريم جي احڪامات تي عمل ڪرڻ ۾ سُستي ڪري. ❖ **رحمتِ الٰهي جي وُسعَت جو**

**اهو مطلب هرگز ناهي تہ** ٻانهو ربّ جي رحمت مان اميد رکندي ڄاڻي واڻي نمازون قضا ڪندو رهي. ❖ **رحمتِ الٰهي جي وُسعَت جو اهو مطلب هرگز ناهي** تہ ٻانهو ربّ جي رحمت مان اميد رکندي بِلاعُذرِ شرعي **رمضان المبارڪ جا فرض روزا** ڄاڻي واڻي ڇڏيندو رهي. ❖ **رحمتِ الٰهي جي وُسعَت جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ** ٻانهو ربّ جي رحمت مان اميد رکندي ٻين کي ستائڻ ۽ انهن کي اِيذاء (يعني تڪليف) ڏيڻ شروع ڪري ڇڏي. ❖ **رحمتِ الٰهي جي وُسعَت جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ** ٻانهو ربّ جي رحمت مان اميد رکندي پنهنجي موت، قبر ۽ آخرت کي وساري ويهي رهي. ❖ **رحمتِ الٰهي جي وُسعَت جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ** ٻانهو ربّ جي رحمت مان اميد رکندي حساب ڪتاب کي وساري ڇڏي. ❖ **رحمتِ اِلاهي جي وُسعَت جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ** ٻانهو ربّ جي رحمت مان اميد رکندي پنهنجو پاڻ کي پڪو جنّتي سمجهڻ لڳي. ❖ **رحمتِ اِلاهي جي وُسعَت جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ** ٻانهو ربّ جي رحمت مان اميد رکندي پاڻ کي جهنم کان آزاد سمجهي. **ياد رکو!** الله پاڪ جي رحمت مان بخشش ۽ مغفرت جي اُميد (Hope) ضرور هئڻ گهرجي، پر گڏوگڏ نيڪ عمل بہ ڪرڻ گهرجن. الله پاڪ جي رحمت بابت ماڻهن ۾ هڪ غلط فهمي ڏٺي وئي آهي تہ عام طور گناهگار ۽ بي عمل ماڻهو الله پاڪ جي رحمت کي دليل بڻائي پنهنجي پڪڙ جي باري ۾ بي فڪر ٿي ويندا آهن ۽ هن طرح جون ڳالهيون ڪندا آهن تہ "**اسان کي ڪامل يقين آهي تہ الله پاڪ اسان کي عذاب نہ ڏيندو، ان جي رحمت تمام وسيع آهي ، اسان جيڪڏهن ٿورا گهڻا گناهہ ڪري بہ وٺون تہ ان جي رحمت جي خزانن ۾ گهٽتائي ٿوري ٿي ويندي؟ اهو وڏو ڪريم آهي معاف ڪري ڇڏيندو. اسان تہ بخشيل بخشايل آهيون وغيره وغيره**، اهڙن خيالن کي پنهنجو پاڻ کان پري ڪريو.

رحمتن جي تاج واري آقا، عرش جي معراج واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: عقلمند اهو آهي جيڪو پنهنجي نفس کي پنهنجو تابعدار بڻائي وٺي ۽ موت کان پوءِ جي لاءِ عمل ڪري ۽ عاجز اهو شخص آهي جيڪو

پنهنجي خواهشن تي هلندو هجي ۽ الله پاڪ جي رحمت تي اميد به رکندو هجي. (ترمذي ،كتاب صفة القيامة، باب ۲۰۸/۲۵،۴،حديث:۲۴۶۷)

جڏهن ته حضرت يحييٰ بن مُعاذ رازي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: ”ڪا حماقت (چريائپ) ان کان وڌيڪ نه ٿيندي جو انسان دوزخ جو ٻج پوکي ۽ جنت جي فصل لُڻڻ جي اُميد رکي، ڪم گناهگارن جهڙا ڪري ۽ مقام نيڪن وارو تلاش ڪري.“ (ڪيميائے سعادت، ۸۱۱/۲ )

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته رحمتِ اِلاهي مان اميد رکڻ سان گڏوگڏ گناهن کان بچڻ ۽ نيڪ عملن ۾ مصروف رهڻ به نهايت ضروري آهي. گناهن جي باوجود رحمتِ اِلاهي مان بخشش جي اميد رکڻ جو نقصان اهو ٿيندو آهي جو انسان گناهن تي دلير (Bold) ٿي ويندو آهي ۽ گناهه کان پوءِ شيطان طرفان انهيءَ طرح جي منيون منيون ڳالهيون قبول ڪرڻ جي عادت، اڳوڻن گناهن تي شرمساري جي بدران آئنده گناهه ڪرڻ جي جُرئت پيدا ٿي ويندي آهي.

ٿورو سوچيو ته سهي! انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام، صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى هي اهي ماڻهو آهن جن کان وڌيڪ رحمتِ اِلاهي جو حق دار ڪو ٻيو ٿي نٿو سگهي. هي اهي خوش نصيب حضرات آهن جو انهن کان وڌيڪ ڪنهن کي رحمتِ اِلاهي تي يقين ٿي نٿو سگهي. ان جي باوجود به اهي نيڪ هستيون عبادت، تلاوت ۽ نيڪ عملن جي گهٽائي ۾ ڪڏهن به سُستي نه ڪندا هيا . يقيناً نبي سڳورا عَلَيْهِمُ السَّلَام پڪا جنّتي آهن. اهڙي طرح ڪيئي صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان اهڙا آهن جن کي مڪي مدني لجپال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نالو کڻي جنت جون خوشخبريون عطا ڪيون پر ان جي باوجود انهن جي نيڪ عملن ۾ ڪا گهٽتائي نه آئي، انهن جو خوفِ خدا ڪڏهن به گهٽ نه ٿيو. ۽ اهو به ته سوچيو! اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ بارگاهِ الاهي ۾ ڪير مقبول هوندو، پر پوءِ به سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄي سڄي رات عبادت ۾ مَشغُول رهندا هئا.

اهو ئي حال رسولِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحابہ جو هو. اهي حضرات پڪا جنّتي هئڻ جي باوجود خوفِ خدا سان معمور هوندا هئا، هر وقت عبادت ۾ مگن رهندا هئا، نيڪي ڪرڻ جو ڪو بہ موقعو هٿان وڃڻ نہ ڏيندا هئا. انهن مان هڪ اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيِدُنا مولىٰ علي كَرَّمَ اللّٰه وَجْهه الكَرِيم بہ آهن. انهن جي باري ۾ اچي ٿو تہ جڏهن پاڻ بيتُ المال جي صفائي ڪرائيندا هئا، پوءِ ان ۾ هن اميد تي نماز ادا ڪندا هئا تہ بروزِ قيامت اها جڳهہ جتي نفل پڙهيا ان جي حق ۾ گواهي ڏي.“ (الاستيعاب في معرفة الاصحاب ،الرقم١٨٧٥علي بن ابي طالب ، ٢١١/٣، بتغيرٍ)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تذڪره شيرِ خدا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! حضرت مولىٰ علي كَرَّمَ اللّٰه وَجْهه الكَرِيم ڪيترو خوفِ خدا رکڻ وارا بزرگ هئا جو بيتُ المال ۾ ان ڪري نفل پڙهندا رهيا تہ جيئن اها جاءِ بروزِ قيامت سندن جي حق ۾ گواهي ڏي. الله پاڪ اسان کي بہ ان جهڙي سوچ ۽ تقوىٰ نصيب فرمائي. هن ئي مهيني يعني رمضان المبارڪ جي 21 تاريخ تي اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيِدُنا علي المرتضي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو عُرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي. اچو! سندن جو مختصر ذڪرِ خير ٻڌون ٿا.

اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيِدُنا عَلِي المُرتَضيٰ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو نالو ”علي بِن ابي طالب“ ۽ ڪنيت ”ابو الحسن“ بہ آهي ۽ ”ابو تُراب“ بہ. پاڻ رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچي ابو طالب جا فرزند آهن. سندن جي امڙ سائڻ جو نالو مبارڪ ”فاطمہ بنت اسد بِن هاشم“ آهي. اَمِيرُالمُومِنين حضرتِ سَيِدُنا عَلِي المُرتَضيٰ رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ جي مبارڪ ذات ننڍپڻ کان ئي سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نورِ نظر هئي، پاڻ حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پرورش ۾ رهيا، سندن جي خصوصيتن (Qualities) مان هڪ خصوصيت اها بہ آهي تہ پاڻ رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا سؤٽ هئڻ سان گڏوگڏ نبي عَلَيْهِ السَّلَام سان اها خوش خبري بہ ماڻڻ وارا

آهن جو اي علي! تون دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ منهنجو ڀاءُ آهين. (ترمذي ،كتاب المناقب ،باب ۵،۲۰/۴۰۱،حديث:۳۷۴۱) جيئن

حضرت سيّدنا عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن مدينہ منوّره ۾ ڀائيچارو قائم ڪيو، تہ حضرت عليُّ المرتضٰي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ روئيندي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان سيني صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي وچ ۾ ڀائيچاري وارو رشتو قائم فرمايو، پر مون کي ڪنهن جو ڀاءُ نہ بڻايو؟ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اَنْتَ اَخِيْ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ (اي علي) تون دنيا ۾ بہ منهنجو ڀاءُ آهين ۽ آخرت ۾ بہ منهنجو ڀاءُ آهين.“ (ترمذي،كتاب المناقب،باب مناقب علي بن ابي طالب ،۵/ ۴۰۱، حديث: ۳۷۴۱) اهڙي طرح نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايائون: ”مَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌ مَوْلَاهُ“ يعني جنهن جو مان مولا آهيان ان جو علي مولا يعني آقا آهي. (تِرمِذي،۵/۳۹۸،حديث۳۷۳۳)

جس کسی کا میں ہوں مولیٰ اس کے مولیٰ ہیں علی ہے یہ قولِ مُصطفٰے مولیٰ علی مشکلکُشا

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۵۲۱)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ صحابہ و اهل بيت! پنهنجي دلين ۾ اَمِيرُ الْمُومِنِين حضرتِ سَيِّدُنا عَلِي الْمُرتَضيٰ، شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو شان ۽ عظمت ويهارڻ، سندن جي نقشِ قدم تي هلڻ ۽ سندن جي سيرت جو مطالعو ڪرڻ جي لاءِ مکتبة المَدِينہ جو ڇپيل رسالو ”ڪراماتِ شيرِ خدا“ جو مطالعو ڪرڻ بيحد مفيد رهندو. هن رسالي ۾ ❖ حضرتِ سَيِّدُنا عَلِي الْمُرتَضيٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سان صادر ٿيڻ وارين ڪيئي ڪرامتن جو تذڪرو ❖ سندن جي علمي ۽ عملي فضيلتن جو بيان ❖ حضرت علي المرتضٰي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سان محبت ڪرڻ جو انعام ۽ سندن سان بغض رکڻ جو انجام ❖ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي شان ۽ عظمت جي باري ۾ اهم معلومات جو بيان ❖ غير الله کان مدد گهرڻ جي باري ۾ سوالن جا جواب

وغيره بيان ڪيا ويا آهن. تنهنڪري اچ ئي هن رسالي کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هديو ڏئي ونو، ۽ پاڻ بہ ان جو مُطالعو فرمايو، ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي مطالعي جي ترغيب ڏياريو ۽ استطاعت آهر وڏيڪ تعداد ۾ حاصل ڪري تقسيمِ رسائل جي نيت ڪري ونو.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مدني دورو"

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جون رحمتون ماڻڻ جو شوق بيدار ڪرڻ، صحابہ ۽ اهل بيت جي محبت کي وڌائڻ، هر نيڪ ۽ جائز ڪم ۾ ڪوشش جو جذبو ماڻڻ، نيڪين تي استقامت ۽ والدين جي اطاعت جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ اڄ ئي عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 **مدني ڪمن** ۾ اڳتي وڌي حصو ونو، ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم **مدني دورو** بہ آهي، مرڪزي مجلس شوڑي جي طرفان ڏنل طريقيڪار مطابق روزانو يا هفتي ۾ بہ (2) ڏينهن يا هفتي ۾ هڪ ڏينهن هر مسجد جي آسپاس ۾ گهر گهر، دڪان دڪان وڃي اتي موجود اسلامي ڀائرن سميت گهٽين ۾ بينل ۽ ايندڙ ويندڙ تمام ماڻهن کي نيڪي جي دعوت پيش ڪئي ويندي آهي، ان کي ''**مدني دوره**''چيو ويندو آهي. هن مدني ڪم جا بيشمار فائدا آهن، مثال طور هن جي برڪت سان علائقي ۾ مدني ڪم ڦهلجندو آهي، "**مدني دوري**" جي برڪت سان نوان نوان اسلامي ڀائر مدني ماحول جي ويجهو ٿيندا آهن، "**مدني دوري**" جي برڪت سان **بي نمازين کي نمازي بنائڻ** جي سعادت نصيب ٿيندي آهي. "**مدني دوري**" جي برڪت سان اميرِ اهلسنت جي دعائن مان حصو ملندو آهي. "**مدني دوري**" جي برڪت سان نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو موقعو ملندو آهي.

12 **مدني ڪمن** مان هفتيوار مدني ڪم "**مدني دوره**" جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي رِسالي "**مدني دوره**" جو مطالعو ڪريو، تمام دعوتِ اسلامي جا ذِميدار، خاص ڪري **مجلسن جا نگران ۽ اراڪين** تہ هن رِسالي جو

لازمي مطالعو ڪن. اهو رِسالو مڪتبة المدينہ تي دَستياب هئڻ سان گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان بہ پڙهي سگهجي ٿو.

هن رِسالي جي مطالعي جي برڪت سان اوهان کي خبر پوندي. ❖ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو **شرعي حڪم** ❖ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جون 13 **فضيلتون ۽ فائدا** ❖ **علم** جي نور جو سبب ❖ **مسجدن** جي رونق جو سبب ❖ نيڪي جي دعوت کان پهريان جي دعا ❖ **مدني دوري** جا مدني گل ❖ **مدني دوري** جو طريقو ❖ **مدني دوري** جا آداب ❖ مدني دوري بابت **مرڪزي مجلسِ شوريٰ** جي مدني مشورن جا چوندہ مدني گل وغيره.

اچو! ترغيب لاءِ "**مدني دوري**" جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا، جيئن

## مسجد آباد ٿي وئي

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ اسان جو مدني قافلو پنجاب جي هڪ شهر جي مسجد ۾ پهتو. خبر پئي تہ دروازي تي تالو لڳل آهي، دروازو ڪوليو ويو تہ هر شيءِ تي مٽي ئي مٽي هئي، ائين معلوم ٿي رهيو هو ڄڻ ڪافي عرصي کان مسجد بند هجي، اسان گڏجي صفائي ڪئي، نمازِ عصر کان پوءِ مدني دوري جي لاءِ راند جي ميدان ۾ پهتاسين ۽ راند ۾ مشغول نوجوانن کي نيڪي جي دعوت ڏني. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! ڪيئي نوجوان هٿوهٿ اسان سان گڏجي هلڻ لاءِ تيار ٿي ويا، مسجد ۾ اچي اسان سان گڏ نماز پڙهڻ ۽ سنّتن ڀريو بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيائون، ۽ مسجد کي آباد ڪرڻ جي نيت ڪري ورتائون، اهڙي طرح اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! عاشقانِ رسول جي مدني قافلي ۽ مدني دوري جي برڪت سان مسجد آباد ٿي وئي.

نہ نيکي کی دعوت میں سُستی ہو مجھ سے بنا شائقِ قافلہ یاالٰہی

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۱۰۳)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مجلس خصوصي اسلامي ڀائر

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۽ سنتن کي ڦهلائڻ جي لاءِ ڪم وبيش107 شُعبن ۾ ڪم ڪري رهي آهي، انهن شعبن مان هڪ شعبو ''**مجلس خصوصي اسلامي ڀائر**'' بہ آهي، نابين، گُونگا ۽ ٻوڙا اسلامي ڀائر علمِ دين نہ هئڻ ۽ نيڪ صحبت کان پري رهڻ جي ڪري اڪثر ضروري معلومات کان محروم رهندا آهن، معاشري جي انهن ماڻهن ۾ علمِ دين ڦهلائڻ جي لاءِ اها مجلس ڪيئي شهرن ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماعن ۾ خصوصي اسلامي ڀائرن جا حلقا لڳائيندي آهي. وڏين راتين ۾ ٿيندڙ سنّتن ڀري اجتماعن (مثال طور اجتماعِ ميلاد، اجتماعِ غوثيہ، اجتماعِ شبِ معراج، اجتماعِ شبِ براءَت وغيره) ۽ رَمَضَانُ المبارَڪ جي اجتماعي اعتڪاف ۾ بہ انهن جي اصلاح ۽ تربيت جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. اشارن جي زبان ۾ نعت، بيان، ذڪر ۽ دعا جي ترڪيب ٿيندي آهي ۽ بريل لينگويج (Braille Language) ۾ نابين اسلامي ڀائرن جي لاءِ رسالن جو سلسلو بہ جاري رهندو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشڪاة الصابيح،ڪتاب الايمان،باب الاعتصام بالڪتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

ان کی سنّت کا جو آئنہ دار ہے بس وُہی تو جہاں میں سمجھدار ہے
(وسائلِ بخشش،ص۴۷۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اِعتِڪاف جون سُنتون ۽ آداب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! اِعتڪاف جون ڪجھ سُنّتون ۽ آداب ٻڌڻ جي سعادت حاصِل ڪريون ٿا. اچو! اڳ ۾ 2 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مُلاحَظ ڪريو: (1) فرمايائون: جنهن شخص ايمان سان ثواب حاصل ڪرڻ جي نيّت سان اعتڪاف ڪيو ان جا تمام پويان گناهہ بخشيا ويندا. (جامع صغير، ص۵۱۶،حديث:۸۴۸۰) (2) فرمايائون: جنهن رَمَضانُ المبارَڪ ۾ 10 ڏينهن اِعتڪاف ڪيو اهو ائين آهي ڄڻ ان ٻہ حج ۽ ٻہ عُمرا ڪيا. (شعب الايمان،الرابع والعشرين من شعب الايمان،۳/۴۲۵،حديث: ۳۹۶۶) ❖ رَمَضانُ المبارَڪ جي آخري عَشَري جو اِعتڪاف سُنّتِ مُؤَڪدَہ عَلَي الْڪفَايہ آهي، (يعني) جيڪڏهن سيني اعتڪاف ڪرڻ ڇڏي ڏنو تہ سيني کان پڇاڻو ٿيندو ۽ جيڪڏهن شهر ۾ ڪنهن هڪ ڪري ورتو تہ سيئي ذميواريءَ کان آجا ٿي ويندا. (فيضانِ رمضان ،ص ۲۳۵) ❖ نذر ۽ سُنتِ مؤڪده کان علاوه جيڪو اعتڪاف ڪيو وڃي اهو مستحب آهي، ان جي لاءِ نہ روزه شرط آهي نہ ڪا وَقت جي قيد جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو تہ اِعتڪاف جي نِيت ڪري وٺو. (فيضانِ رمضان،ص ۲۳۵ملخصاً) ❖ رَمَضانُ المبارَڪ ۾ اِعتڪاف ڪرڻ جو سڀ کان وڏو مَقصَد شبِ قَدر جي ڳولا ڪرڻ آهي. (فيضانِ رمضان،ص ۲۳۲) ❖ اعتڪاف جي لاءِ جامع (وڏي مسجد مسجد جو هجڻ شرط ناهي بلڪ مسجدِ جماعت ۾ بہ ٿي سگهي ٿو، مسجدِ جماعت اها آهي جنهن ۾ امام مؤذن مقرر هجن توڙي جو ان ۾ پنج وقت جماعت نہ ٿيندي هجي. (ايضاً، ص ۲۳۹) ❖ سڀ کان افضل اعتڪاف مسجد حرم شريف ۾ آهي پوءِ مسجدِ نَبوِي ۾ پوءِ مسجدِ اَقصيٰ (يعني بَيتُ المَقدِس) ۾ پوءِ ان مسجد ۾ جتي وڏي جماعت ٿيندي هجي. (فيضانِ رمضان، ص۲۴۰) ❖ مُعتَڪف اِعتڪاف جي ڪري جن نيڪين کان محروم ٿيو جيئن زيارتِ قُبور، مسلمانن سان ملاقات، بيمار جي طبيت پڇڻ، نمازِ جنازه ۾ حاضِري ان کي هنن سيني نيڪين جو ثواب ساڳي طرح ملندو آهي جيئن اهي ڪم ڪرڻ وارن کي ثواب ملندو آهي. (مرآة المناجيح،۳/۲۱۷) ❖ اسلامي ڀينرون مسجدِ بَيت ۾ اِعتڪاف ڪن، مسجدِ بَيت ان جڳهہ کي چوندا آهن جيڪا جڳهہ عَورَت گهر ۾ پنهنجي نماز

جي لاءِ مخصوص ڪندي آهي. (فيضانِ رمضان،ص ۲۸۹) ❖ اِعتڪاف جي دوران ٻن سببن جي ڪري مسجد مان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت آهي. (1) حاجتِ شرعي. (2) حاجتِ طبعي حاجتِ شرعي مثال طور جُمعہ نماز ادا ڪرڻ جي لاءِ وڃڻ. (فيضانِ رمضان،ص ۲۶۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتين ۽ آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جو موضوع آهي: **”خاموش رهڻ جي عادت ڪيئن ٺاهيون“** جنهن ۾ اسان زبان جون آفتون، فضول ڳالهائڻ جا نقصان، خاموشي اختيار ڪرڻ جا فائدا ۽ برڪتون، بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهِمْ اَجْمَعِين جا واقعات ۽ آخر ۾ خاموش (Silent) رهڻ جي عادت بنائڻ بابت ڪجهه مدني گل ٻڌنداسين. لهٰذا! **آئنده جمعرات** بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

1...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65

3...القول البدیع، الباب الثانی، ص277،

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیہِ رَحمَۃُ اللہِ الھَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[1]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَہٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَه ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنھُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي ته ھيئن پڙھندو آھي.[2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي.[3]

### (1) ھڪ ھزار ڏينھن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

---

[1]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[2]...القول البدیع، الباب الاول، ص125

[3]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرکارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305